پندرهنوار

سنڌ منظر

1 کان 15 آڪٽوبر 2026ع



ڪچي وارن علائقن ۾ قائم پوليس پڪٽس کي شهيد پوليس اهلڪارن جي نالن سان منسوب ڪيو ويو: محترمہ فريال ٽالپر



سنڌ ڪابينا اجلاس جا اهم فيصلا



حيدرآباد جا مڪمل ٿيل اهم ترقياتي منصوبا:

سنڌ حڪومت جي اهم ۽ نمايان ڪارڪردگي



آمريڪا جي آزاديءَ جي 250هين سالگرهہ

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور

اطلاعات کاتو — حڪومت سنڌ



پاڪستان پاران اردن لاءِ چونڊيل سفير
صدر آصف علي زرداريءَ سان ملاقات ڪندي.



خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري گڏيل قومن جي خوراڪ واري عالمي اداري (WFP) جي پاڪستان ۾ نمائندي ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش جي سربراهيءَ ۾ وفد سان ملاقات ڪندي.

COMPLIMENTARY COPY

(جلد: 16 شمارو: 546) - 1 کان 15 آکٹوبر 2026ع

ہفت روزہ
سنڌ منظر

فهرست

- سنڌ حڪومت پاران تعليم جي شعبي کي جديد بنيادن تحت هلائڻ لاءِ ڪوششون — ايڊيٽوريل — 2
- ڪچي وارن علاقن ۾ قائم پوليس پڪتس کي شهيد پوليس اهلڪار جي نالن سان منسوب ڪيو ويو: محترمہ فريال تالپر — فهيم ميمڻ — 3
- سنڌ ڪابينا اجلاس جا اهم فيصلا: مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ، 20 آڪٽوبر کان فلور ملن کي سرڪاري ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو حڪم، خوراڪ کاتي کي قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي سخت هدايت: سيد مراد علي شاهہ — فياض احمد سومرو — 5
- پنڪ اسڪوٽي: سنڌ جي عورتن لاءِ خودمختياري ۽ روشن مستقبل ڏانهن قدم — حيا فاطمہ — 8
- اطلاعات کاتي جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي سنڌ جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ قائم — ڪرن شيخ — 10
- پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور — ڪنيز فاطمہ — 11
- حيدرآباد جا مڪمل ٿيل اهم ترقياتي منصوبا: سنڌ حڪومت جي اهم ۽ نمايان ڪارڪردگي — مسرت ميمڻ — 13
- ڪم وارن هنڌن تي عورتن جي تحفظ بابت سکر ۾ سيمينار: قانون صرف ڪتابن ۾ لکيل شڪل جو نالو نہ آهي، پر اهو ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ ادارن ۾ ذميوار ماحول جي قيام لاءِ هڪ اهم وسيلو آهي: صوبائي محتسب سنڌ — مسرت شاهين — 15
- وزیر اعلیٰ سندھ سید مراد علی شاہ کا صوبائی سطح پر پولیو مہم کا افتتاح۔ سندھ حکومت پولیو سے پاک سندھ کے خواب کو حقیقت میں بدلنے کے لیے کوشاں — ریما عمران خان — 21
- مراد علی شاہ کی زیر صدارت سندھ میں پرندوں کے تحفظ کے لیے شکار پر پابندی کی تجویز — ریان — 23
- سندھ انفیکشن ڈیزیز اسپتال اینڈ ریسرچ سینٹر وبائی امراض کی روک تھام کے لیے ایک اہم ادارہ — آغا شعیب عباس — 25
- سید ناصر حسین شاہ کا کراچی ایڈونٹسٹ اسپتال کا دورہ، نومولود بچوں کی بینائی کے تحفظ کے منصوبے پر تعاون کی یقین دہانی — ریحانہ تبسم — 26
- سندھ میں ریبیز کی روک تھام کے لیے مربوط حکمتِ عملی، 2030 تک صفر اموات کا ہدف — زینب علی — 28
- سندھ میں نئے اسلحہ لائسنس اور آرمز ڈیلر شپ کے اجرا پر پابندی — حمیرہ مصطفیٰ — 29
- عوامی مسائل کے بروقت حل کے لیے صنعتی و تجارتی امور پر توجہ — زیب النساء رفیق — 30
- لیاری میں خطرناک عمارتوں کے خلاف کارروائی، شہری تحفظ کے لیے مؤثر اقدامات — افشاں خان — 31
- سندھ میں جدید سوئمنگ سہولیات کی توسیع، خواتین کھلاڑیوں کے لیے نئے مواقع — عریشہ علی — 32
- سندھ بھر میں صفائی کے نظام میں بہتری کے لیے سندھ حکومت کی شاندار کارکردگی — عالمگیر رانجھانی — 34

نگران اعليٰ

شرجيل انعام ميمڻ
وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران

ڪاشف گلزار شيخ
سيڪريٽري اطلاعات،
حڪومت سنڌ

غلام سرور سميجو
ڊائريڪٽر پبليڪيشنس

ايڈيٽر

محمد علي رياض

رابطي لاءِ:

چپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B_4، ڪورٽ روڊ، ڪراچي.
فون: 021_99202610

چاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي.
9 ماڙ، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.
فون: 021_35210405

https://information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
weeklysindhmanzar@gmail.com
@Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid

ايڈيٽوريل



سنڌ حڪومت پاران تعليم جي شعبي کي جديد بنيادن تحت هلائڻ لاءِ ڪوششون

اها هڪ ميجيل حقيقت آهي ته "تعليم" ئي ترقيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ اهم وسيلو آهي، تنهنڪري سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي تي خاص طور ۽ وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏئي رهي آهي. استريٽ چلڊرين (رولاڪ ٻارن) کي تعليمي عمل جو حصو بنائڻ کان وٺي جيلن ۾ قيد ڪاٽيندڙ ڏوهارين جي ٻارن کي تعليمي سهوليتون مهيا ڪرڻ تائين، ٻهراڙين ۾ بند پيل اسڪولن کي کولڻ ۽ انهن کي فنڪشنل بنائڻ کان وٺي استادن جي پرتيءَ واري عمل کي صاف شفاف بنائڻ تائين سنڌ حڪومت جون ڪوششون سارا ۾ جوڳيون آهن.

اهڙيءَ ريت تازو سنڌ جي 3647 اسڪولن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حاضريءَ واري عمل کي ڊجيٽل بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران اپريل 2027، تائين سنڌ جي سمورن اسڪولن جي حاضريءَ واري نظام کي ڊجيٽل بنائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي ڊجيٽل سڌارن جي سلسلي ۾ "اسٽوڊنٽس اٽينڈنس مانيٽرنگ اينڊ ريڊرس سسٽم" جو دائرو 3647 سرڪاري اسڪولن تائين وڌائي ڇڏي آهي. ان حوالي سان تعليم کاتي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته شروع ڪيل هن نظام جو مقصد شاگردن جي حاضري ۽ تعليمي رڪارڊ کي ڊجيٽل بنائڻ آهي.

سنڌ جي تعليم کاتي موجب ڄاڻايل نظام ۾ تعليمي ڪارڪردگي، امتحاني نتيجا ۽ اسڪول منتقلي جو رڪارڊ پڻ شامل هوندو. جنهن ۾ شاگردن جي مسلسل غير حاضريءَ جي صورت ۾ سندن والدين کي ميسيج، اِي ميل ۽ واٽس ايپ ذريعي بروقت اطلاع ڏيڻ جي سهوليت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي.

ان حوالي سان تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته هر شاگرد جو ڊجيٽل تعليمي پروفائيل تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ سندس مڪمل تعليمي سفر، حاضري، تعليمي ڪارڪردگي، امتحاني رڪارڊ ۽ اسڪول منتقليءَ بابت معلومات محفوظ هوندي.

ڏٺو وڃي ته سنڌ حڪومت پاران سنڌ جي عوام کي تعليم جهڙي بنيادي ۽ اهم ضروت بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ ڏکيائيءَ جي مهيا ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، پڪ سان مستقبل جي سنڌ کي "ترقي يافته سنڌ" جو درجو ڏيندیون.

ايڈيٽر

ڪچي وارن علائقن ۾ قائم پوليس پڪٽس ڪي شهيد پوليس اهلڪارن جي نالن سان منسوب ڪيو وڃي: محترمہ فريال ٽالپر

فهيم ميمڻ

سنڌ اسيمبلي ۾ ڪچي وارن علائقن جي ترقي، بحالي ۽ عوامي مسئلن جي حل بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. جنهن جي صدارت گهرو ڪاتي بابت قائمہ ڪميٽي جي چيئرپرسن محترمہ فريال ٽالپر ڪئي.

اجلاس ۾ سڪرٽري لاڑڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن، سماجي ۽ معاشي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ امن امان بابت اپائن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.

اجلاس ۾ سڪرٽري لاڑڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن جي ترقي ۽ بحالي بابت ٻنهي ڊويزنن جي ڪمشنرن تفصيلي بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، موبائل ڊسپينسرين، روڊن ۽ ٻين بنيادي ڍانچن بابت ڪنيل قدمن ۽ ضرورتن کان آگاهہ ڪيو ويو.

قائمہ ڪميٽي جي چيئرپرسن محترمہ فريال ٽالپر چيو تہ ڪچي وارن علائقن جي بحالي ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت پرپور قدم کڻندي. غير سروي ٿيل ڪچي وارن علائقن جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن

محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ هدايت ڪئي تہ ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، روڊن، پوليس ٽاٽن، پوليس پوسٽن ۽ تربيتي مرڪزن جي ضرورتن جو جامع جائزو وٺي واضح سفارشون تيار ڪيون وڃن.

هن چيو تہ ڪچي وارن علائقن ۾ قائم ڪيل پوليس پڪٽس کي شهيد پوليس اهلڪارن جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي، تہ جيئن فرض جي ادائيگي دوران



قائمہ ڪميٽي جي چيئرپرسن محترمہ فريال ٽالپر چيو تہ ڪچي وارن علائقن جي بحالي ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت پرپور قدم کڻندي. غير سروي ٿيل ڪچي وارن علائقن جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ هدايت ڪئي تہ ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، روڊن، پوليس ٽاڻن، پوليس پوسٽن ۽ تربيتي مرڪزن جي ضرورتن جو جامع جائزو وٺي واضح سفارشون تيار ڪيون وڃن.

پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪري سگهجي.

هن چيو تہ ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، سندن پراڻن مسئلن جي حل ۽ زندگيءَ جي معيار ۾ بهتري لاءِ عملي اپاءَ يقيني بڻايا ويندا. ڪچي وارن علاقن جي ترقي لاءِ مضبوط ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي تحت ترقياتي عمل کي تيز ڪيو ويندو.

هن وڌيڪ چيو تہ عوامي مسئلن جي حل سان گڏ ڪچي وارن علائقن ۾ سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جي عمل کي پڻ اثرائتي انداز ۾ اڳتي وڌايو ويندو، جڏهن تہ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل رابطي ۽ مضبوط حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون ادا ڪن.

سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو تہ ڪچي وارن علائقن جي پائيدار ترقي ۽ عوامي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ڪچي وارن علائقن ۾ ترقياتي عمل کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل قدم يقيني بڻائڻا پوندا.

هن چيو تہ ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن زندگيءَ جي معيار ۾ بهتري لاءِ عملي قدم وڌيڪ تيز ڪيا ويندا. سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي تہ هن اجلاس ۾ غور هيٺ آيل سمورن معاملن ۽ وصول ٿيل تجويزن جي روشني ۾ سفارشون جلد تيار ڪري جائزي ۽ وڌيڪ ضروري ڪارروائي لاءِ موڪليون وڃن، تہ جيئن ڪچي وارن علائقن جي بحالي، ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتو ۽ قابلِ عمل لائحہ عمل تيار ڪري سگهجي.

اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ چونڊيل قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن پنهنجي پنهنجي علائقن جي مسئلن، ضرورتن ۽ ترقياتي ترجيحن بابت تجويزون پيش ڪيون. اجلاس ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر علي جان مزاري، مير شبير علي بجاراڻي، محمد شهريار خان مهر، خالد احمد خان لنڊ، علي گوهر خان مهر ۽ جام خان شورو وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ آبپاشي ڪاتو سنڌ، صوبائي اسيمبلي جي ميمبر عبدالرؤف ڪوسو، غلام عابد خان، مير محبوب علي خان بجاراڻي، محمد عارف خان، آغا شهباز علي دراني، جام مهتاب حسين ڈهر، سردار نادر اڪمل خان لغاري، علي نواز خان مهر، سيد فرخ احمد شاهہ، سيد ناصر حسين شاه، سينيئر ميمبر بورڊ آف ريونيو، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ، سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز، سيڪريٽري آبپاشي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي، سيڪريٽري صحت، سيڪريٽري لائيو استاڪ اينڊ فشريز، سيڪريٽري زراعت، سپلاءِ اينڊ پرائيسز، سيڪريٽري توانائي، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ اينڊ ايڇ ٽي پي، سيڪريٽري بحالي، سيڪريٽري قانون، آءِ جي سنڌ، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ سکر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ سکر شرڪت ڪئي.

سنڌ ڪابينا اجلاس جا اهم فيصلا

ميئر رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ، 20 آڪٽوبر کان فلور ملن کي سرڪاري ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو حڪم، خوراڪ کاڌي کي قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي سخت هدايت

فياض احمد سومرو

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ ميئر رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي، 20 آڪٽوبر کان ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. اهم عدالتي تقررين جي توثيق ڪئي وئي، ڪراچي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي اسپتال جي منصوبن جي منظوري ڏني وئي، استار_واش پروگرام جي فنڊنگ جي توثيق ڪئي وئي ۽ ٽرڪول جي توسيع ۽ جهنگلي حيات جي تحفظ بابت اپائن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جي سيڪريٽري آغا واصف ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. ناٽي واري ڪابينا ڪميٽي پاران سرڪيوليشن ذريعي گهوٽڪي ۾ پوليس استيشن خامبرا جي اڌاوت ۽ سنڌ پرائيويٽ سيڪيورٽي ائڪٽ 2026 تحت رجسترار جي آفيس قائم ڪرڻ بابت ورتل فيصلن جي پٽ توثيق ڪئي وئي. ڪابينا ميئر رضا علي جي فوتگي جي جاچ ڪندڙ انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي تجويز تي پٽ بحث ۽ غور ڪيو.

خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان ڪٽڪ جي ذخيرن ۽ تجويز ڪيل ڪٽڪ رليز پاليسي 27_2026 بابت هڪ تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته بازار ۾ مسلسل گهرج جي ڪري سجي سنڌ ۾ ڪٽڪ جي اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي، ۽ هن وقت ڪراچي ۾ ڪٽڪ تقريباً 12,500 روپيا في 100 ڪلوگرام بوري جي حساب سان وڪرو ٿي رهي آهي. وڏي وزير خوراڪ ڪاتي کي هدايت ڪئي ته ڪٽڪ جاري ڪرڻ بابت هڪ تفصيلي پاليسي تيار ڪري سندس منظوري لاءِ پيش ڪئي وڃي. اٽي جي قيمتن کي هر صورت ۾ مستحڪم ڪيو وڃي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته خوراڪ ڪاتي کي گهرجي ته اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽



صارفين کي ريليف ڏيڻ لاءِ هڪ منظم طريقيڪار تحت سرڪاري ڪٽڪ جا ذخيرا لائسنس يافتہ فلور ملن ۾ چڪين کي جاري ڪري. فلور ملن کي ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو عمل 20 آڪٽوبر کان شروع ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان اجلاس کي آگاهي ڏني تہ صوبي وٽ هن وقت 91 لک 90 هزار کان وڌيڪ 100 ڪلوگرام واريون ڪٽڪ جون بوريون موجود آهن، جن ۾ گذريل سال جو بچيل ذخيرو، نئين خريد ڪيل ڪٽڪ، ضبط ڪيل ذخيرا، پاسکو کان ملندڙ ڪٽڪ ۽ هن مهيني جي آخر ۾ متوقع طور تي گهرايل درآمدي ڪٽڪ شامل آهن. ڪميٽي کي ڏميواري ڏني وئي آهي تہ اها کابينا جي حتمي فيصلي لاءِ پنهنجون سفارشون پيش ڪرڻ کان اڳ تحفظ جي خدشن، ماحولياتي اثرن، عملدرآمد جي طريقيڪار ۽ عالمي بهترين طريقن جو جائزو وٺي.

بورڊ آف ريونيو (BOR) تجويز ڪيل 'سنڌ گورنمينٽ ليندز مينيجمينٽ ائڪٽ 2026' سان گڏ ضابطن جا مسودا ۽ شرطن جا بيان پيش ڪيا، جنهن جو مقصد سڄي صوبي ۾ سرڪاري زمينن جي انتظام، الاٽمينٽ ۽ استعمال لاءِ هڪ جديد قانوني فريم ورڪ قائم ڪرڻ آهي. تجويز ڪيل قانون سازي صدي پراڻي 'ڪولونائيزيشن اينڊ ڊسپوزل آف گورنمينٽ ليندز ائڪٽ 1912' جي جڳهہ وٺندي ۽ ان ۾ مارڪيٽ جي بنياد تي زمين جي قيمت جو تعين، شفاف نيلامي جو طريقيڪار، قانون تي عملدرآمد جون وڌيڪ مضبوط شقون، شڪايتن جي ازالي جو نظام ۽ صنعتي، رهائشي، تجارتي، زرعي، عوامي مقصدن ۽ عوامي سهولتن جي مقصدن لاءِ زمين جي استعمال جون واضح ڪيٽيگريون متعارف ڪرايون ويون آهن. بحث کانپوءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ بورڊ آف ريونيو کي هدايت ڪئي تہ مسودي جي ڪاپي ڪابينا جي سمورن ميمبرن ۾ تفصيلي جائزي لاءِ ورهائي وڃي ۽ اهي 10 ڏينهن اندر پنهنجا مشاهدا پيش ڪن تہ جيئن ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ ان معاملي تي حتمي غور ڪري سگهجي.

نارٿ ڪراچي مدر اينڊ چائلڊ هاسپيٽل: صحت ڪاتي سنڌ گورنمينٽ چلدرين هاسپيٽل، نارٿ ڪراچي جي موجوده پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ معاهدي جي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ ان جي مستقبل جي انتظاميا بابت هڪ تجويز پيش ڪئي. ڪابينا صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل جي سفارش تي هي سهولت 'سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونٽالاجي' (SICHN) جي حوالي ڪرڻ جي منصوبي جي منظوري ڏني تہ جيئن ان کي 200 بسترن جي هڪ مخصوص ماءُ ۽ ٻار جي اسپتال طور ترقي ڏئي سگهجي جيڪا ڪراچي جي گهٽي آبادي واري سينٽرل ڊسٽرڪٽ جي رهواسين کي ماءُ، نون ڄاول ٻار ۽ ٻارن جي صحت جون مفت سهولتون فراهم ڪندي.

ڪابينا انڊس هاسپيٽل اينڊ هيلٿ نيٽورڪ (IHHN) پاران چنيسر ڊسپينسري ۽ ميٽرنٽي هوم کي اپگريڊ ڪرڻ ۽ ان کي 24 ڪلاڪ هلائڻ لاءِ پيش ڪيل تجويز تي پڻ غور ڪيو. تجويز ڪيل سهولت علاقي جي لڳ ڀڳ 122,000 کان وڌيڪ رهواسين کي 24 ڪلاڪ بنيادي صحت، ماءُ ۽ نئين ڄاول ٻار جي صحت جون سهولتون، حفاظتي ٽيڪا، تشخيصي سهولتون ۽ ڪميونٽي آئوٽ ريچ سروسز فراهم ڪندي. ڪابينا تجويز جي منظوري ڏيندي صحت ڪاتي کي ان تي تيزي سان عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي.

توانائي ڪاتي ڪابينا کي سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني (SECMC) سان لاڳاپيل معاهدن ۾ تجويز ڪيل ترميمن بابت بريفنگ ڏني تہ جيئن ٿر بلاڪ_II مائيننگ پروجيڪٽ جي فيز_IIIجي مالي ڪلوز ۽ توسيع ۾ سهولت پيدا ٿي سگهي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو تہ تجويز ڪيل ترميمون سنڌ حڪومت جي موجوده مالڪي واري ڍانچي ۽ مالي حيثيت کي برقرار رکندي، سالياني مائيننگ جي صلاحيت کي 7.6 ملين ٽن مان وڌائي 11.2 ملين ٽن ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ توسيع جي گنجائش رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندیون. ڪابينا 'امينڈڊ اينڊ ري اسٽيٽيڊ جوائنٽ وينچر ائگريمينٽ' ۽ 'امينڈمينٽ ٽو دي گورنمينٽ آف سنڌ امپلي مينٽيشن ايگريمينٽ' ۾ ٽن ترميمن جي منظوري ڏني. ان سان گڏوگڏ سيڪريٽري توانائي کي صوبائي حڪومت جي طرفان ترميمي ٽيل معاهدن تي صحيحون ڪرڻ جا اختيار پڻ ڏنا ويا.

ڪابينا ڪاليجن جي الحاق (ايفيليئيشن) جي

مقصد لاءِ يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي علائقائي اختيار جي منظوري ڏني، جنهن ۾ لاڙڪاڻو ۽ قمبر_شهدادڪوٽ ضلعا شامل هوندا. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه يونيورسٽي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته تعليمي نگراني، امتحانن، ڪوالٽي اشورنس ۽ اداراتي گورننس لاءِ هڪ مضبوط فريم ورڪ تيار ڪيو وڃي ته جيئن تعليمي معيار کي بهتر بڻائي سگهجي ۽ ان جي اختيار ۾ ايندڙ سمورن الحاق ٿيل ڪاليجن جي وچ ۾ اثرائتو تعاون قائم ٿئي.

سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس 7 ۽ 8: ڪابينا سنڌ سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس نمبر 7 ۽ 8 جي استعمال سان لاڳاپيل پراڻي معاملي تي پڻ بحث ڪيو جيڪي 2012 ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان گڏ سرڪاري آفيسن جي نين سهولتن جي اڏاوت لاءِ منظور ڪيل ۽ وڏا ترقياتي منصوبا آهن. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه اجلاس کي منصوبن جي صورتحال بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس نمبر 7. (جيڪو 8.8 ايڪڙن تي پکڙيل آهي) ۽ سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس نمبر 8 (جيڪو 9.7. ايڪڙن تي ٻڌل آهي) اڃا تائين سالياني ترقياتي پروگرام (A.D.P.)جون جاري اسڪيمون آهن. اهو ٻڌايو ويو ته سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس نمبر 7 تي 966.6 ملين روپيا ۽ سيڪريٽريٽ ڪمپليڪس نمبر 8 تي 23. ڪروڙ 61. لک روپيا خرچ ڪيا ويا آهن. ڪمپليڪس نمبر 7. جي هڪ بلڊنگ بلاڪ جو ٽئين ماڙ تائين جو اسٽرڪچرل ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جڏهن ته ٻين يونٽن جي بنيادن جو ڪم اڃا نامڪمل آهي. ڪمپليڪس نمبر 8 تي اڏاوتي سرگرميون بند ٿيڻ کان اڳ رڳو ڪوٽائي ۽ شروعاتي بنيادن جو ڪم ڪيو ويو هو. ڪابينا کي ٻنهي سائيٽن جي مستقبل جي استعمال بابت چيف جسٽس آف پاڪستان جي سرپرستي ۾ تازو ٿيل اعليٰ سطحي مشاورت بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. هڪ تجويز تحت، پلاٽ نمبر 7. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حوالي ڪيو ويندو، جڏهن ته وڪيلن جي پارڪنگ جي سهولت کي منتقل ڪرڻ ڪانپوءِ پلاٽ نمبر 8. سنڌ حڪومت وٽ رهندو. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته انهن تجويزن تي اڳيرائي جو جائزو وٺڻ ۽ رهيل معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ چيف جسٽس آف پاڪستان جي صدارت ۾ هڪ جائزه اجلاس هن مهيني جي آخر ۾ شيڊول آهي. اجلاس ۾ اڏاوتي سرگرمين تان پابنديون هٽائڻ ۽ لاڳاپيل ڪاتن کي قانوني تقاضائن ۽ عدليه جي مشاورت سان ٽيندڙ مستقبل جي فيصلن مطابق اڳتي وڌڻ جو اختيار ڏيڻ جي ضرورت تي پڻ بحث ڪيو ويو.

ڪابينا ان تجويز جو جائزو ورتو جنهن ۾ 'سنڌ ٽرانسفارميشنل ايسيليريٽڊ رورل واٽر سپلاءِ، سينيٽيشن اينڊ هائيجين سروسز (STAR_WASH)پروگرام – فيز 'آ' جي عملدرآمد لاءِ سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڈ افيڪٽيز (SPHF) کي جاري ڪيل هڪ ارب رپين جي توثيق گهري وئي هئي. هي پروگرام جنهن تي SPHFپاران عالمي بئنڪ، ايشيائي ڊيولپمينٽ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان عمل ڪيو ويندو، ان جو مقصد صوبي جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي ۽ صحت جي سهولتن تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ آهي. صوبائي ڪابينا استار_واش پروگرام فيز_ Iلاءِ SPHFکي هڪ ارب رپيا جاري ڪرڻ جي توثيق ڪئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته اها رقم سنڌ حڪومت جي 20 سيڪٽرو ڪائونٽر پارٽ شيئر جي مد ۾ ائڊجسٽ ڪئي وڃي ۽ پروگرام جي PC_Iفائننانشل فريم ورڪ ۾ ان جو باقاعدي حساب رکيو وڃي.

دهشتگردي توڙ عدالتون : سنڌ ڪابينا صوبي ۾ دهشتگردي توڙ جون 4 خالي عدالتن (ATCs)لاءِ پريزائيڊنگ آفيسرن جي تقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي. اهي تقرريون سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشاورت سان گهرو ڪاتي پاران تجويز ڪيل اميدوارن جي پينل مان ڪيون ويون آهن. منظور ٿيل تقررين ۾ مسٽر اشرف خواجه کي اي ٽي سي_ III ڪراچي جو پريزائيڊنگ آفيسر، مسٽر امين الدين خاصخيلي کي اي ٽي سي_ IVڪراچي لاءِ، مسٽر ارشاد حسين ڏاريجو کي اي ٽي سي ڪشمور_ڪنڊڪوٽ لاءِ ۽ مسٽر بابر عظيم کي اي ٽي سي حيدرآباد لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ڪابينا نوشهرو فيروز ۾ دهشتگردي توڙ عدالت جي پريزائيڊنگ آفيسر طور مسٽر طاهر راجپوت جي تقرري جي پڻ منظوري ڏني. ان کانسواءِ پڻ ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ويا.

پنڪ اسڪوٽي: سنڌ جي عورتن لاءِ خودمختياري ۽ روشن مستقبل ڏانهن قدم

ميرپورخاص ۾ سنڌ حڪومت پاران عورتن لاءِ اليڪٽرڪ اسڪوٽي اسڪيم جي اهم تقريب

حيا فاطمہ

سنڌ حڪومت پاران عورتن کي معاشي، سماجي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ وڌيڪ فعال بڻائڻ، سندن سفري مسئلا گھٽائڻ ۽ کين محفوظ ۽ باوقار ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽي پروگرام عورتن جي بااختياري ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. ان سلسلي ۾ ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيز جي فراهمي جي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ سينيئر صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ شرڪت ڪئي.

تقريب ۾ اهل عورتن کي پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيز جون علامتي چابيون ڏنيون ويون. ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ حڪومت عورتن کي صرف سفري سهولت فراهم ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر انهن کي تعليم، روزگار، ڪاروبار ۽ سماجي سرگرمين ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ عملي سهڪار فراهم ڪرڻ چاهي ٿي.

50 هزار عورتن کي اسڪوٽيز فراهم ڪرڻ جو منصوبو

شرجيل انعام ميمڻ موجب سنڌ حڪومت جو مقصد مرحليوار 50 هزار عورتن کي اليڪٽرڪ اسڪوٽيز فراهم ڪرڻ آهي. هن پروگرام لاءِ عورتن جي تربيت، ڊرائيونگ ٽيسٽ ۽ مقرر ڪيل معيارن تي پورو لهڻ کي اهميت ڏني وئي



آهي، جيئن اسکوٽي حاصل ڪندڙ عورتون محفوظ طريقي سان پنهنجي سفر جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن.

هن چيو ته اسکوٽيز جي فراهمي ۾ ميرٽ ۽ مقرر ڪيل طريقيڪار کي بنياد بڻايو پيو وڃي ۽ پروگرام کي سنڌ جي مختلف ضلعن تائين وڌايو ويندو.

تعليم ۽ روزگار تائين آسان رسائي

سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺاڻن علاقن ۾ عورتن لاءِ آمدرفت هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. خاص طور تي شاگردياڻين، استادن، صحت جي شعبي سان لاڳاپيل عورتن، سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمہ عورتن ۽ ننڍن ڪاروبارن سان لاڳاپيل عورتن لاءِ روزاني اڇ وڇ هڪ وڏو چئلينج آهي. پنڪ اسکوٽي اهڙين عورتن لاءِ ذاتي سفري سهولت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

پنهنجي آمدرفت جي سهولت سان عورتون تعليمي ادارن، آفيسن، اسپتالن، مارڪيٽن ۽ ٻين ضروري هنڌن تائين وڌيڪ آساني سان پهچي سگهن ٿيون. اهڙي ريت ٽرانسپورٽ جي سهولت عورتن جي معاشي ۽ سماجي سرگرمين ۾ شرڪت کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

عورتن جي خوداعتمادي ۾ واڌ

عورتن کي سفري سهولت فراهم ڪرڻ جو هڪ اهم پاسو سندن خوداعتمادي ۽ خودمختياري ۾ واڌارو پڻ آهي. جڏهن عورت پنهنجي روزاني سفر لاءِ ٻين تي گهٽ ڀاڙيندي آهي ته سندس وقت، ڪم ۽ تعليم بابت فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ مضبوط ٿيندي آهي.

سنڌ حڪومت جو هي قدم ان سوچ کي هٿي ڏئي ٿو ته عورتون سماج جي ترقي ۾ برابر جون حصيدار آهن ۽ کين اڳتي وڌڻ لاءِ عملي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهن.

محفوظ سفر ۽ تربيت تي زور

پنڪ اليڪٽرڪ اسکوٽي پروگرام سان گڏ عورتن کي ڊرائيونگ جي تربيت ڏيڻ تي پڻ ڌيان ڏنو ويو آهي. تربيت ۽ ڊرائيونگ ٽيسٽ جو مقصد عورتن کي روڊ سيفٽي، ٽريفڪ ضابطن ۽ محفوظ ڊرائيونگ بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ آهي.

شرجيل انعام ميمڻ ان ڳالهہ تي پڻ زور ڏنو ته سرڪاري اسڪيم تحت فراهم ڪيل اسکوٽيز جو استعمال مقرر ڪيل مقصد ۽ ضابطن موجب ٿيڻ گهرجي.

پنڪ ٽيڪسي سروس ڏانهن اڳپرائي

عورتن جي موبلٽي کي وڌيڪ وسيع بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران پنڪ ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ تي پڻ ڪم جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهڙي سروس کي منظم انداز ۾ لاڳو ڪيو وڃي ته عورتن ۽ شاگردياڻين لاءِ شهري علاقن ۾ محفوظ سفري سهولت جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا.

ميرپورخاص کان سنڌ جي ٻين ضلعن تائين

ميرپورخاص ۾ منعقد ٿيل هيءَ تقريب ان پروگرام جي ضلعي سطح تي واڌ جي اهم ڪڙي آهي. سنڌ حڪومت پاران عورتن لاءِ شروع ڪيل هي قدم جيڪڏهن مرحليوار سمورن ضلعن تائين پهچي ٿو ته سنڌ جي شهري توڙي ڀهراڙي وارن علاقن ۾ عورتن جي روزاني موبلٽي کي وڌيڪ آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي. سنڌ جي عورت صدين کان تعليم، ادب، ثقافت، صحت، زراعت، ڪاروبار ۽ سماجي خدمت جي شعبن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. جديد دور ۾ ان ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ سفري سهولتون، تعليم، فني تربيت ۽ روزگار جا موقعا بنيادي اهميت رکن ٿا.

هڪ اسکوٽي، ڪيترائي موقعا

پنڪ اليڪٽرڪ اسکوٽي کي رڳو هڪ سواري سمجهڻ بدران ان کي موقعن تائين پهچ جو ذريعو پڻ قرار ڏئي سگهجي ٿو. هڪ شاگرداڻي لاءِ اها تعليمي اداري تائين پهچ، هڪ استاد لاءِ اسڪول تائين آسان سفر، هڪ ملازمہ لاءِ آفيس تائين رسائي ۽ هڪ ڪاروباري عورت لاءِ پنهنجي ڪم کي وڌائڻ جو وسيلو بڻجي سگهي ٿي.

ميرپورخاص ۾ ٿيل تقريب مان اهو پيغام پڻ ملي ٿو ته عورتن جي ترقي لاءِ پاليسين سان گڏ عملي سهولتون فراهم ڪرڻ ب ضروري آهي. سنڌ حڪومت جو پنڪ اسکوٽي پروگرام عورتن جي موبلٽي، خوداعتمادي ۽ معاشي شموليت کي هٿي ڏيڻ واري ان ئي ڪوشش جو حصو آهي. عورت اڳتي وڌندي ته خاندان مضبوط ٿيندو، ۽ خاندان مضبوط ٿيندو ته سنڌ جي ترقي جو سفر وڌيڪ تيز ٿيندو.

اطلاعات کاتي جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي

سنڌ جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ قائم

ڪرن شيخ

صحافت ڪنهن بہ معاشري جي سجاڳي، شعور ۽ فڪري اوسر جو اهم ذريعو آهي. صحافي پنهنجي قلم ۽ ڪئميرا وسيلي عوامي مسئلن، سماجي معاملن ۽ مختلف شعبن ۾ ٿيندڙ سرگرمين کي سامهون آڻين ٿا، جنهن سان حڪومتي ادارن ۽ عوام وچ ۾ رابطي جو هڪ اهم ذريعو قائم رهي ٿو. صحافتي ذميوارين جي ادائيگي دوران ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهن کي مختلف نوعيت جي معاملن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. تنهنڪري اهڙو ادارتي ماحول ضروري آهي، جتي انهن جي جائز معاملن کي مناسب طريقي سان ٻڌو ۽ لاڳاپيل فورمن تائين پهچايو وڃي.

جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ صحافين، ميڊيا پرسنز ۽ تسليم ٿيل پريس ڪلبن سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. ڊيسڪ ذريعي صحافين ۽ ميڊيا پرسنز کي خاص طور تي مالي سهائتا ۽ طبي مسئلن سان لاڳاپيل معاملن ۾ سهولت فراهم ڪئي ويندي.

جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ صحافين ۽ ميڊيا پرسنز جي درخواستن جي وصولي، انهن جي ڪارروائي ۽ اڳيرائي جي نگراني ڪندو. جڏهن ته لاڳاپيل ڪاتن ۽ ادارن سان رابطو ڪري مسئلن جي حل ۾ پڻ سهڪار فراهم ڪندو.

سنڌ اطلاعات کاتي جي هيڊڪوارٽرز ۾ قائم جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ لاءِ آفيسر پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. ڊائريڪٽر انفارميشن ايڈمن اينڊ اڪائونٽس محمد طارق امام کي ان جو ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ماجد خان فيسيليٽيشن آفيسر جون ذميواريون انجام ڏيندو.

اهڙيءَ طرح ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ايڈمن اينڊ اڪائونٽس محمد صابر کي لائيزن آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌ اطلاعات کاتي پاران سمورن ڊويزنل ڊائريڪٽرز انفارميشن کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجن




SINDH INFORMATION DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

سہولت ڈیسک برائے صحافی حضرات

محکمہ اطلاعات، حکومت سندھ کی جانب سے صحافیوں کی سہولت کے لیے "جرنلسٹس فیسیلیٹیشن ڈیسک" (Journalists' Facilitation Desk) قائم کر دی گئی ہے۔ تمام معزز صحافی حضرات، پریس کلبز اور میڈیا پرسنز اپنے درپیش مسائل بشمول ایکریڈیشن کارڈز کے اجراء، مالی معاونت، پریس کلب سے متعلق امور و دیگر مسائل کے فوری حل کے لیے سہولت ڈیسک سے رابطہ فرمائیں۔

صحافین لاءِ سهولت ڊيسڪ

اطلاعات کاتي، حڪومت سنڌ پاران صحافين جي سهولت لاءِ "جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ" قائم ڪئي وئي آهي. سمورا معزز صحافي، پريس ڪلب جا نمائندا ۽ ميڊيا پرسنز پنهنجي مسئلن، جهڙوڪ ايڪريڊيشن ڪارڊ، مالي سهڪار، پريس ڪلب سان لاڳاپيل معاملن ۽ ٻين مسئلن جي ترت حل لاءِ سهولت ڊيسڪ سان رابطو ڪري سگهن ٿا.

CONTACT DETAILS

Coordinator:
Director Information (Admin & Accounts) 021-99206774

Facilitation Officer:
Director Press Information 021-99204417
021-99204423

Liaison Officer:
Deputy Director (Admin) 021-99204426

Barrack No. 95, Sindh Secretariat 4-B, Information Department, Government of Sindh

لاڳاپيل ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽن ۾ جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ لاءِ آفيسر مقرر ڪن، جيئن صحافين کي ضلعي ۽ ڊويزنل سطح تي پڻ سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

سنڌ اطلاعات کاتي موجب جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو مقصد صحافين ۽ ميڊيا پرسنز کي درپيش مسئلن جي ازالي لاءِ هڪ اثرائتو، منظم ۽ مربوط سهولتڪاري نظام فراهم ڪرڻ آهي.

آمريڪا جي آزاديءَ جي 250هين سالگرهه

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور

ڪنيز فاطمه

امن، آزادي ۽ گڏيل احترام اهي قدر آهن، جيڪي قومن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻين ٿا. دنيا جي بدلجندڙ حالتن ۾ قومن وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا، گڏيل احترام، واپار، تعليم، ثقافت ۽ سفارتي رابطن جي اهميت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. پاڪستان به عالمي برادري سان پرامن سهڪار، گڏيل ترقي ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ واري سوچ جي بنياد تي اڳتي وڌندو رهيو آهي. سنڌ حڪومت ۽ سنڌ اسيمبلي پڻ بين الاقوامي رابطن، جمهوري قدرن، امن ۽ عوامي پائيچاري کي اهميت ڏيندي رهي آهي. اهڙي ئي سوچ جي عڪاسي آمريڪا جي آزاديءَ جي 250هين سالگرهه جي موقعي تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيل تقريب دوران پڻ نظر آئي، جتي پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم لاڳاپن کي وڌيڪ وسيع ۽ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

آمريڪا جي آزاديءَ جي 250هين سالگرهه جي مناسبت سان آمريڪي قونصليٽ جنرل ڪراچي ۾ ”فريڊم 250“ جي عنوان سان هڪ شاندار استقبالي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه، سڪر جي ميئر ارسلان شيخ، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد محمد احمد شاهه، پارليامينٽ جي ميمبرن، اعليٰ سرڪاري عملدارن ۽ مختلف سفارتي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي.

واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي زور:

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ واپار ۽ سيڙپڪاري، تعليمي ۽ ثقافتي مامرن تي خيالن جي ڏي وٺ، عوامي رابطن ۽ امن ۽



استحڪام لاءِ سهڪار کي وڌيڪ وڌائڻ تي زور ڏنو.

هن آمريڪي عوام کي آزاديءَ جا 250 سال مڪمل ٿيڻ تي مبارڪون ڏيندي چيو ته آزادي، جمهوريت، موقعا ۽ پرامن گڏيل بقا اهڙا گڏيل قدر آهن، جيڪي ٻنهي ملڪن جي عوام کي هڪ ٻئي سان ڳنڍين ٿا. هن آمريڪا کي دنيا ۾ موقعن جي ڌرتي طور سڃاتو وڃڻ جو ذڪر ڪندي چيو ته اتي آزادي، عزم ۽ محنت ماڻهن کي پنهنجن خوابن کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪن ٿا.

اڻ ڏاڪن تي پکڙيل پاڪستان۔ آمريڪا لاڳاپا:

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن جو ذڪر ڪندي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا لڳ ڀڳ اڻ ڏاڪن تي مشتمل آهن. اهي لاڳاپا رڳو حڪومتن تائين محدود نه رهيا آهن، پر عوامي رابطن، تعليم، واپار، سيڙپڪاري، ترقياتي سهڪار ۽ ثقافتي ڏي وٺ ذريعي پڻ مضبوط ٿيا آهن.

آمريڪا پاڪستان جي برآمدات لاءِ سڀ کان وڏي واحد ملڪي منڊي آهي، جڏهن ته پاڪستاني آمريڪي ڪميونٽي ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪ اهم پل جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

اسپيڪر 2024ع جي آمريڪي ڪميونٽي سروي جو حوالو ڏيندي چيو ته آمريڪا ۾ 620,000 کان وڌيڪ ماڻهن پنهنجي سڃاڻپ پاڪستان سان تعلق رکندڙ طور ڄاڻائي آهي. هن ان انگ کي ٻنهي ملڪن جي عوامي رابطن ۽ انساني لاڳاپن جي اهميت سان جوڙيندي چيو ته پاڪستاني ۽ آمريڪي ڪميونٽي ٻنهي معاشرن کي ويجهو آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

آمريڪي سهڪار ۽ گڏيل ترقي جا موقعا:

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاڪستان لاءِ آمريڪي سهڪار، خاص طور تي تعليم، ترقي، صحت ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون کي ساراهيندي چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڊگهي مدي واري پائيواري کي وڌيڪ وسعت ڏئي سگهجي ٿي.

تعليم، صحت، ترقي، واپار ۽ سيڙپڪاري جهڙا شعبا اهڙا آهن، جن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعاون سان عوام لاءِ نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. اسپيڪر واپار ۽ سيڙپڪاري، تعليمي ۽ ثقافتي ڏي وٺ سان گڏ نوجوانن لاءِ وڌيڪ موقعا پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو.هن چيو ته سنڌ، خاص طور تي ڪراچي، آمريڪي ڪاروباري ۽ ٻين ادارن سان وڌيڪ رابطن لاءِ وسيع موقعا رکي ٿو. ڪراچي جي معاشي، تجارتي ۽ ثقافتي اهميت کي نظر ۾ رکندي اهڙا رابطا مستقبل ۾ مختلف شعبن ۾ وڌيڪ سهڪار جا دروازا کولي سگهن ٿا.

آمريڪي قونصل جنرل پاران معاشي ۽ سيڪيورٽي سهڪار کي اجاگر ڪرڻ:

تقريب کي خطاب ڪندي آمريڪي قونصل جنرل ڪراچي چارلس گڊمين پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ معاشي ۽ سيڪيورٽي سهڪار کي نمايان ڪيو. هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي قيادت ۾ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن.

هن پاڪستان ۾ آمريڪي سيڙپڪاري، خاص طور تي FMCGشعبي ۾ سيڙپڪاري کي واپار، معاشي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن لاءِ اهم قرار ڏنو. اهڙي سيڙپڪاري ٻنهي ملڪن جي معاشي رابطن کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ اضافي جا موقعا پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

علاقائي امن لاءِ سفارتڪاري ۽ ڳالهين جي اهميت:

علاقائي امن جي حوالي سان سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاڪستان جي سفارتي ڪوششن ۽ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي پڻ نمايان ڪيو.

هن اپريل 2026ع ۾ اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهين جو حوالو ڏيندي چيو ته اهي سرگرميون سفارتي سهڪار ۽ ڳالهين لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جو هڪ اهم مثال آهن. اسپيڪر واضح ڪيو ته "پاڪستان ڏڪيڙ نٿو چاهي، اسان امن چاهيون ٿا."

هن چيو ته اختلافن کي ڳالهين، باهمي احترام ۽ سفارتڪاري ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو. سندس چوڻ هو ته عالمي ۽ علاقائي مسئلن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه جو رستو اختيار ڪرڻ سان گڏيل سمجهه پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ امن کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي.

حيدرآباد جا مڪمل ٿيل اهم ترقياتي منصوبا:

سنڌ حڪومت جي اهم ۽ نمايان ڪارڪردگي

مسرت ميمڻ

حيدرآباد سنڌ جو نہ رڳو هڪ اهم تاريخي شهر آهي پر ان سان گڏ ڪراچيءَ کانپوءِ سنڌ جو ٻيو وڏو تجارتي ۽ شهري مرڪز پڻ آهي، جنهن جي بنيادي ڍانچي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت رهي آهي. سنڌ حڪومت پاران مختلف شعبن ۾ شروع ڪيل ترقياتي منصوبن جي تڪميل سان هاڻي شهر جي روڊن، عوامي هنڌن، تفريحي ماڳن ۽ راندين جي سهولتن ۾ واضح تبديلي نظر اچي رهي آهي. 25_2024ع دوران مڪمل ٿيل اهم منصوبن نہ رڳو شهر جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪيو آهي، پر ٽريفڪ جي روانيءَ، نيڪال واري نظام، عوامي سهولتن، سرسبز ماحول ۽ شهري سرگرمين لاءِ پڻ نوان موقعا پيدا ڪيا آهن. آٽو پان روڊ جي بحالي ۽ جديد تعمير، سحرش نگر باءِ پاس، ڪي بي حسن علي آفندي پيپلز پارڪ ۽ تاريخي نياز اسٽيڊيم جي بحالي اهڙا نمايان منصوبا آهن، جيڪي حيدرآباد جي ترقيءَ جي نئين رخ کي اجاگر ڪن ٿا. انهن منصوبن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شهري ترقي صرف روڊن جي تعمير تائين محدود نہ رهي آهي، پر روڊ، نيڪال، روشني، پارڪنگ، وٹڪاري، تفريح، راندين ۽ عوامي سهولتن کي هڪ گڏيل شهري تصور تحت اڳتي وڌايو پيو وڃي.

آٽو پان روڊ: حيدرآباد جي شهري ڍانچي ۾ اهم تبديلي

ضلعي انتظاميا حيدرآباد جي سرڪاري ترقياتي دستاويز موجب هي منصوبو لوڪل گورنمينٽ پروجيڪٽ تحت مڪمل ڪيو ويو، جنهن جي مجموعي لاڳت 3.126 ارب رپيا مقرر ڪئي وئي، جڏهن تہ مڪمل ٿيل مرحلي لاءِ 1.793 ارب رپين جي لاڳت ڇاڻائي وئي آهي. مجموعي طور 15 ڪلوميٽرن تي ٻڌل رٽيل ڪوريڊور مان 2.2 ڪلوميٽرن وارو حصو پهرين مرحلي ۾ مڪمل ڪيو ويو آهي.

سرڪاري ضلعي دستاويزن ۾ آٽو پان روڊ کي حيدرآباد جي اهم روڊن مان هڪ ۽ اهم واپاري مرڪز قرار ڏنو ويو آهي. ان روڊ جي ترقي جي اهميت رڳوان جي ويڪر وڌائڻ تائين محدود ناهي، پر ان سان گڏ مختلف شهري بنيادي ڍانچي جون سهولتون پڻ شامل ڪيون ويون آهن، جنهن سان روڊ کي وڌيڪ منظم ۽ جديد شڪل ملي آهي.



ترقي يافتہ آٽو پان ڪوريڊور ۾ چار لين وارو روڊ، برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڊرينيج سسٽم، اسٽريٽ لائيٽس، پيور بلاڪ سان تيار ڪيل پارڪنگ لينز ۽ "آءِ لو حيدرآباد" يادگار شامل آهن. خاص طور تي روڊ جي ٻنهي پاسن تي برساتي پاڻي جي نيڪال جو انتظام وڏي اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ برسات دوران نيڪال جو نظام ڪمزور هئڻ جي صورت ۾ شهر جي مختلف علائقن کي پاڻي بيهڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

روڊ جي تعمير سان گڏ برساتي پاڻي جي نيڪال، سيوريج سان لاڳاپيل ڍانچي، يوٽيلٽي سهولتن ۽ پارڪنگ کي شامل ڪرڻ سان آٽو پان روڊ کي هڪ وڌيڪ منظم شهري روڊ جي صورت ڏني وئي آهي. اهڙي ريت هي منصوبو رڳو آمدورفت لاءِ رستو فراهم ڪرڻ بدران هڪ منظم تجارتي ۽ شهري ماحول جي قيام ڏانهن پڻ اهم قدم بڌجي سامهون آيو آهي.

انتظامي ۽ بلدياتي ادارن جي گڏيل ڪوشش

آٽو پان روڊ جي هن اهم منصوبي جي تڪميل پنڌيان مسلسل انتظامي ۽ شهري ڪوششن جو ڪردار پڻ نمايان رهيو آهي. اڳوڻي ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ منصوبي کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جڏهن ته موجوده ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ۽ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ منصوبي جي ترقياتي جائزي ۽ عملدرآمد جي نگراني سان لاڳاپيل رهيا آهن.

ميئر حيدرآباد ڪاشف خان شورو پڻ شهر جي اهم ترقياتي ايجنڊا سان لاڳاپيل انتظامي ۽ ميونسپل ڪوششن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.

سحرش نگر باءِ پاس: ٽريفڪ جي دٻاءَ کي گهٽائڻ ڏانهن اهم قدم

حيدرآباد جي ترقيءَ ۾ هڪ بي اهم ڪاميابي 539.50 ملين رپين جي لاڳت سان سحرش نگر باءِ پاس روڊ فيز_ Iجي تڪميل آهي، جيڪو 8.5 ڪلوميٽرن تائين پکڙيل آهي. هي منصوبو ٻه لين وارو اهم رستو آهي، جيڪو آٽو پان روڊ کي حيدرآباد باءِ پاس ۽ جي ايم بي روڊ سان ڳنڍي ٿو ۽ حيدرآباد رنگ روڊ منصوبي جو حصو آهي.

ضلعي انتظاميا حيدرآباد موجب هي روڊ ڄامشورو، تندو محمد خان ۽ حيدرآباد ضلعن ڏانهن ايندڙ ويندڙ مسافرن لاءِ اهم سهولت فراهم ڪري ٿو. ان سان گڏ هي رستو چار ٽي ايم سيز کي باءِ پاس ڪندي پراڻي اين ايڇ_5، واڌو واهه روڊ ۽ ٻين ڳنڍيل رستن تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽائڻ ۾ مددگار بڻجي ٿو.

هن منصوبي جي اهميت ان لحاظ کان پڻ آهي ته شهر اندر هلندڙ ٽريفڪ کي متبادل رستو فراهم ڪري ٿو، جنهن وسيلي مختلف علاقن ڏانهن ويندڙ ماڻهن لاءِ سفر کي وڌيڪ منظم بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي. حيدرآباد جي وڌندڙ شهري آبادي ۽ ٽريفڪ جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اهڙا باءِ پاس روڊ شهر جي مجموعي ٽرانسپورٽ ڍانچي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

ڪي بي حسن علي افندي پيپلز پارڪ: تفريح ۽ عوامي سهولتن جو خوبصورت ميلاپ

حيدرآباد جي شهري معيار ۽ عوامي تفريحي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ 400 ملين رپين جي لاڳت سان ڪي بي حسن علي افندي پيپلز پارڪ پڻ تيار ڪيو ويو آهي. حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن پاران 14 ايڪڙن تي ٻڌل هي پارڪ صرف ڇهن مهينن جي عرصي ۾ مڪمل ڪيو ويو.

هن پارڪ ۾ 5 هزار ڪان وڌيڪ وڻ ۽ 10 هزار ٻوٽا لڳايا ويا آهن، جڏهن ته پاڻي ڏيڻ لاءِ 18 مڪينيڪل اسپرنڪلر پڻ موجود آهن. پارڪ ۾ تقريباً هڪ ڪلوميٽر ۽ اڌ ڪلوميٽر ڊگهو ٻه واڪنگ ٽريڪ پڻ تيار ڪيا ويا آهن، جيڪي شهرين کي هلڻ ۽ جسماني سرگرمي لاءِ مناسب ماحول فراهم ڪن ٿا.

پارڪ ۾ ٽن اوپن ايئر لائبريرين سان گڏ 100 فوٽ بلند قومي جهنڊي جو پول، 300 ڪان وڌيڪ سولر لائيٽس، 12 فلڊ لائيٽس، 25 سي سي ٽي وي ڪيمرائون ۽ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ واٽر ڊرين پڻ تعمير ڪيا ويا آهن.

نياز اسٽيڊيم جي بحالي: ڪرڪيٽ جي تاريخ سان نئون تعلق

حيدرآباد ۾ 150 ملين رپين جي لاڳت سان انٽرنيشنل ڪرڪيٽ گرائونڊ نياز اسٽيڊيم جي بحالي پڻ شهر جي اهم مڪمل ٿيل منصوبن ۾ شامل آهي. هن منصوبي تحت ڪرڪيٽ گرائونڊ، ڊريسنگ رومز، پيويلينز، ٽوائلٽس، ميڊيا گيلري، پچز، اسٽينڈز ۽ ڇهن عوامي دروازن سميت مختلف حصن جي بحالي ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ پارڪنگ ايريا، بائونڊري وال ۽ اسڪور بورڊز کي پڻ بهتر بڻايو ويو آهي. اسٽيڊيم ۾ ڇهه مڪينيڪل اسپرنڪلر لڳايا ويا آهن، جڏهن ته نئين اسفالٽ ڪنڪريٽ جي رسائي واري روڊ سان گڏ اسٽريٽ لائيٽس پڻ فراهم ڪيون ويون آهن.

نياز اسٽيڊيم جي بحالي سان حيدرآباد ۾ ڪرڪيٽ ۽ راندين جي سرگرمين لاءِ هڪ اهم تاريخي ماڳ ٻيهر بهتر حالت ۾ سامهون آيو آهي. گرائونڊ، پچز، پيويلينز، ڊريسنگ رومز، استينڈز ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي بحالي سان اسٽيڊيم جي مجموعي ڍانچي کي نئين سر منظم ڪيو ويو آهي. حيدرآباد ۾ مڪمل ٿيل اهي سيئي منصوبا گڏجي شهر جي ترقيءَ جي هڪ اهڙي تصوير پيش ڪن ٿا، جنهن ۾ ترقي صرف الڳ الڳ روڊن جي تعمير تائين محدود نظر نٿي اچي، پر ان ۾ شهري زندگي جي مختلف ضرورتن کي گڏيل انداز سان شامل ڪيو ويو آهي.

کم وارن هنڌن تي عورتن جي تحفظ بابت سکر ۾ سيمينار

قانون صرف ڪتابن ۾ لکيل شقن جو نالو نه آهي، پر اهو ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ ادارن ۾ ذميوار ماحول جي قيام لاءِ هڪ اهم وسيلو آهي: محمد اقبال آرائين

مسرت شاهين

هڪ مهذب، باشعور ۽ ترقي يافته سماج جي سڃاڻپ صرف ان جي معاشي ترقي نه، پر ان ڳالهه مان به ٿئي ٿي ته اتي عورتن کي ڪيترو محفوظ، باوقار ۽ برابري وارو ماحول فراهم ڪيو وڃي ٿو. سنڌ حڪومت عورتن جي حقن جي تحفظ، سندن عزت ۽ وقار کي يقيني بڻائڻ ۽ کين کم واري هنڌ تي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف قانوني ۽ آگاهي وارن اپائن تي خاص طور ڌيان ڏئي رهي آهي. قانون بابت ڄاڻ ئي اها طاقت آهي، جيڪا کنهن به فرد کي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ اعتماد فراهم ڪري ٿي. انهيءَ ئي مقصد تحت عورتن کي کم واري هنڌ تي هراسمينٽ کان تحفظ، قانوني حقن ۽ شڪايتن جي ازالي بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ مختلف ادارن ۾ آگاهي پروگرام منعقد ڪيا پيا وڃن.

ان سلسلي جي هڪ اهم ڪوشش طور ريجنل آفيس صوبائي محتسب سنڌ، سکر جي انتظام هيٺ سکر انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز ۾ تازو هڪ اهم آگاهي سيمينار ڪيو ويو، جنهن جو بنيادي مقصد کم ڪندڙ عورتن کي قانوني تحفظ بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۽ کين پنهنجن حقن کان باخبر بڻائڻ هو. هي سيمينار ان ڳالهه جو عملي اظهار هو ته عورتن لاءِ محفوظ، باوقار ۽ هراسمينٽ کان پاڪ کم واري ماحول جي فراهمي هڪ اهم سماجي خدمت ۽



اداري جي ذميواري آهي ۽ ان کانسواءِ قانوني ڄاڻ، تحفظ جو مضبوط ذريعو آهي.

سيمينار جو مرڪزي موضوع "ڪم واري هنڌ تي عورتن کي هراسمينٽ کان تحفظ وارو ايڪٽ 2010ع" (ترميم ٿيل) هو. سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن کي قانون جي اهم شقن، عورتن کي حاصل قانوني حقن، هراسمينٽ جي قانوني حيثيت ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ موجود نظام بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

اهڙي قسم جا آگاهي پروگرام خاص طور اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماڻهو قانون موجود هجڻ باوجود ان جي شقن، پنهنجي حقن ۽ شڪايت جي مناسب فورم کان مڪمل طور واقف نه هوندا آهن. قانوني ڄاڻ ماڻهن ۾ اعتماد پيدا ڪري ٿي ۽ کين اهو احساس ڏياري ٿي ته ڪنهن به ناانصافي يا هراسمينٽ جي صورت ۾ هو قانون جي دائري اندر رهندي مناسب فورم سان رابطو ڪري سگهن ٿا.

سيمينار جي صدارت ڪنسلٽنٽ محمد اقبال آرائين، اڳوڻي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڪئي. هن پنهنجي خطاب دوران قانون جي اهم شقن، هراسمينٽ جي قانوني وصف ۽ ان جي مختلف صورتن بابت شرڪت ڪندڙن کي تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي.

هن ملازمن ۽ ادارن جي ذميوارين، شڪايت داخل ڪرائڻ جي طريقيڪار، انڪوائري ڪميٽي جي ڪردار ۽ قانون تحت ٽيندڙ ڪارروائي بابت پڻ روشني وڌي. هن ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪڏهن ڪنهن به فرد کي هراسمينٽ جي ڪنهن واقعي کي منهن ڏيڻو پوي ته ڪيس خوف يا هيڪ جو شڪار ٿيڻ بدران لاڳاپيل قانوني فورم سان رابطو ڪرڻ گهرجي ۽ قانون ۾ موجود شڪايتن جي ازالي واري نظام مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

سندس خطاب جو بنيادي پيغام اهو هو ته قانون صرف ڪتابن ۾ لکيل شقن جو نالو نه آهي، پر اهو ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ ادارن ۾ ذميوار ماحول جي قيام لاءِ هڪ اهم وسيلو آهي.

محفوظ ۽ باوقار ماحول لاءِ ادارن جو ڪردار:

ان موقعي تي سڪر انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز جي ڪو چيئرمين ساجد حسين مهر صوبائي محتسب سنڌ جي ٽيم جي آڃيان ڪئي. هن چيو ته اهڙا آگاهي پروگرام ادارن ۾ باهمي احترام، برابري ۽ محفوظ ماحول جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.هن قسم جي سرگرمين سان ملازمن، خاص طور عورتن ۾ پنهنجن قانوني حقن بابت شعور وڌي ٿو ۽ ادارن اندر هڪ اهڙي مثبت ماحول جي اوسر ٿئي ٿي، جتي هر فرد جي عزت، وقار ۽ برابري کي اهميت حاصل هجي.

صوبائي محتسب سنڌ جو مؤثر قانوني فورم:

سيمينار دوران سيد منظور حسين شاهه شرڪت ڪندڙن کي صوبائي محتسب سنڌ جي اداري جي تنظيمي ڍانچي، دائره اختيار، مقصدن ۽ ذميوارين بابت آگاهي ڏني.هن واضح ڪيو ته صوبائي محتسب سنڌ جو ادارو ڪم واري هنڌ تي هراسمينٽ بابت شڪايتن جي ازالي لاءِ قانون تحت هڪ اهم ۽ مؤثر فورم فراهم ڪري ٿو. هن شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته متاثر ماڻهو پنهنجي شڪايت بابت مقرر قانوني طريقيڪار تحت اداري سان رابطو ڪري سگهن ٿا ۽ قانون طرفان فراهم ڪيل تحفظ ۽ ازالي واري نظام مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

صوبائي محتسب سنڌ جي اداري بابت اهڙي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جو مقصد پڻ اهو هو ته ماڻهن کي پنهنجي حقن سان گڏ ان ڳالهه جي به ڄاڻ هجي ته ڪنهن مسئلي جي صورت ۾ کين ڪهڙي قانوني رستي تي هلڻو آهي.

سوالن ۽ جوابن وسيلي وڌيڪ اثرائتي آگاهي:

سيمينار جي پڄاڻي تي سوال ۽ جواب جي هڪ خصوصي نشست پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن پرپور دلچسپي جو مظاهرو ڪيو. شرڪت ڪندڙن قانون جي مختلف پاسن، هراسمينٽ جي قانوني حيثيت، شڪايت داخل ڪرائڻ جي طريقيڪار ۽ قانون موجب تحفظ بابت مختلف سوال ڪيا، جن جا تفصيلي جواب ڏنا ويا.



پي پي پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال تالپر
پٽو هائوس نئون ديرو ۾ چيئرمين بلاول پٽو زرداريءَ جي سالگرهه ملهائيندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه
وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ عوامي جمهوريہ چين جي قيام جي 77 هين سالگرهہ جي موقعي تي ڏنل استقباليہ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.



اطلاعات وارو سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ،
سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڊائريڪٽر جنرل معيز الدين پيرزاده سان گڏجاڻي ڪندي.



سندھ کے سینئر صوبائی وزیر شرجیل انعام میمن اور ہونان (چین) کے دفتر برائے امورِ خارجہ (FAO) کے ڈائریکٹر جنرل گو نانگ ایک مفاہمتی دستاویز پر دستخط کے حوالے سے تقریب میں شریک ہیں۔ جبکہ اس تقریب میں خصوصی معاون قاسم نوید قمر اور پاکستان کے قونصل جنرل یاسر اقبال بٹ بھی شریک ہیں۔



وزیرِ بلدیات سید ناصر حسین شاہ
عالمی بینک کے وفد سے ایک اہم اجلاس کی صدارت کرتے ہوئے۔



صوبائی وزیر ثقافت، سیاحت و نوادرات سید ذوالفقار علی شاہ
محکمہ ثقافت سندھ کے انڈومنٹ فنڈ کے حوالے سے اجلاس کی صدارت کرتے ہوئے۔



وزیر ترقیِ نسواں شاہینہ شیر علی
9ویں CSR لیڈرشپ کانفرنس میں بطور مہمان خاص خطاب کرتے ہوئے۔

وزیر اعلیٰ سندھ سید مراد علی شاہ کا صوبائی سطح پر پولیو مہم کا افتتاح

سندھ حکومت پولیو سے پاک سندھ کے خواب کو حقیقت میں بدلنے کے لیے کوشاں

ریما عمران خان

